روزاني
سنڌيار
سکر
ايڈيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com

(جلد 02) اربع 21 جون 2023ع بمطابق 02 ذوالحج 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 27

چين ريسڪيو لاءِ هڪ پيرو بيهر اسان جي سامهون آيو آهي: وزيراعظم

ٻن عظيم دوستن چين ۽ پاڪستان لاءِ هي اهم موقعو آهي، 1200 ميگا واٽ جي چشما سي فائيو جي ايم او يو تي صحيحون ڪري چڏيون آهن

منصوبو بنا ڪنهن ديرجي شروع ڪيو ويندو، 4.8 ارب ڊالرن جو اهو منصوبو پيغام آهي ته چيني سيڙپڪار پاڪستان تي اعتماد ڪن ٿا، معاهدي سان پاڪ-چين لاڳاپن کي هڪ ملندي

منصوبي کي نواز شريف دور ۾ لڳائڻ جو فيصلو ٿي ويو هو، گذريل حڪومت ان منصوبي کي سرد خاني ۾ وجهي چڏيو هو

پاڪستان جي نئين فوجي قيادت جا به ٽورائتا آهيون ته ان منصوبي ۾ گهري دلچسپي ورتي، اهو منصوبو سول ۽ ملٽري ليڈرشپ جي ون پيج تي هجڻ جو نتيجو آهي

آءِ ايم ايف سان نائين جائزي لاءِ پاڪستان سمورا شرط پورا ڪري چڏيا آهن پر معاهدي ۾ غير معمولي ديرٿي آهي : تقريب کي خطاب

اسلام آباد (م ڀ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته آءِ ايم ايف جا شرط پورا ڪرڻ باوجود معاهدي ۾ غير معمولي دير ٿي رهي آهي پر چين هڪ پيرو بيهر ٻيهر ٻڌائي جي بي مثال مدد ڪئي، اسلام آباد ۾ چشما ريسڪيو لاءِ سامهون آيو آهي، هن پاڪستان يادداشت تي صحيحن جي تقريب ٿي، جنهن 5 نيوڪليئر جي تعمير جي مفاهمتي

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

۾ وزيراعظم شهباز شريف شريڪ ٿيو تقريب سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ايپ ذريعي، صارفين پنهنجي شڪايتون اعلي اختيارين تائين سڌي ريت پهچائي سگهندا، انٽيليجنٽ ٽرانسپورٽ سسٽم تحت گاڏين جي نگراني ڪئي ويندي: بريفنگ

شرجيل انعام ميمڻ پاران 22 جون کان پيپلز بس سروس جي ايپ شروع ڪرڻ جو اعلان

صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٽرانسپورٽ ڪاتي ۽ اين آر ٽي سي عملدارن جو اعليٰ سطحي اجلاس، سيڪريٽري ٽرانسپورٽ سليم راجپوت، ايم ڊي سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي ڪمال دايو ۽ ٻين جي شرڪت

پيپلز بس سروس جي ايپ ذريعي شهري آساني سان گاڏي جي لوڪيشن بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهندا، ايپ ذريعي مسافر آن لائن بڪنگ، رستن، پاڻ ۽ ٻين ضروري شين بابت معلومات حاصل ڪري سگهندا: اجلاس

انٽيليجنٽ ٽرانسپورٽ سسٽم تحت گاڏين ۾ سي سي ٽي وي ڪيمرائن بہ لڳايون ويندیون، گاڏين ۾ آڊيو سسٽم، يو ايس بي پورٽ، وائي فائي ڪميونيڪيشن سسٽم، ڊرائيور الارم بہ لڳايو ويندو

اجلاس ۾ حيدرآباد ۾ هالا ناڪا کان ڪيسانا موري تائين پيپلز بس سروس هلائڻ تي غور ويچار ڪيو ويو، جڏهن ته لياري ايڪسپريس وي تي پيپلز بس سروس هلائڻ بابت وڏيڪ سروي ڪرڻ جو فيصلو پڻ ڪيو ويو

ڪراچي، حيدرآباد، لاڙڪاڻو، سکر ۽ ميرپورخاص جي بهراڙي وارن علاقن کي پيپلز بس سروس ذريعي شهري علاقن سان ڳنڍيو ويندو ۽ ان حوالي سان منصوبا پڻ شروع ڪيا ويندا: شرجيل انعام ميمڻ

ڪراچي (رپورٽر) اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ 22 جون کان پيپلز بس سروس جي ايپ شروع صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي سي عملدارن جو هڪ اعليٰ سطحي اجلاس ٽيي اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ سليم راجپوت، ايم ڊي سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي ڪمال دايو، سي اي او ٽرانس ڪراچي طفيل

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ماس ٽرانزٽ جي اجلاس جي صدارت ڪندي

پارٽي آئين جي بالادستي ۽ برابري جي فروغ لاءِ پرپور حمايت ڪندي: بلاول

گذريل حڪومت جي ڪري ملڪ ۾ مهانگائي ۽ بيروزگاري تي ضابطو آڻڻو پوندو

شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي عوام دوست فلسفي تي عمل ڪرڻو پوندو

عوام هميشہ اهو مجيو ته ڪيڏي بہ ڏکي حالتون هجن "بينظير ايندي، نوڪريون آڻيندي"

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين ۽ پڙهيل وزير بلاول ڀٽو زرداري ان عزم جي تجديد ڪئي آهي ته سندس سميت سموري پارٽي آئين ۽ پارليامينٽ جي بالادستي، جمهوري ادارن جي مضبوطي ۽ ملڪ ۾ برابري جي فروغ لاءِ، پرپور حمايت ڪندي. ڀٽو جي فلسفي تي سختي سان عمل ڪيو ويندو ميڊيا سيل بلاول هائوس پاران جاري ڪيل بيان موجب پاکستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: صدر عارف علوي سان پڙهيل سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

پاناما اسڪينڊل: چوڌري پرويز الاهي ۽ مونس الاهي خلاف منی لانڊرنگ جو ڪيس داخل

چوڌري پرويز الاهي ۽ چوڌري مونس الاهي 5 پاناما ڪمپنين ۾ اربين روپيه لڪايا : ڪيس جو متن

پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير مبينہ منی لانڊرنگ ذريعي پاناما ۾ ڪمپنيون خريد ڪيون

پاڪستان کان پئسا غيرقانوني طور تي پرڏيهہ منتقل ٿيڻ جون شاهديون ملي ويون آهن : ايف آءِ اي ذريعا

لاهور (م د) پاناما اسڪينڈل ۾ چوڌري پرويز الاهي ۽ چوڌري مونس الاهي جي ڪمپنين جو انڪشاف ٿيو آهي. ايف آءِ اي چوڌري پرويز الاهي خلاف شاهديون گڏ ڪري ڪيس داخل ڪري ورتو آهي، پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز الاهي ۽ چوڌري مونس الاهي خلاف فراڊ، منی لانڊرنگ جي قلمن تحت ڪيس داخل ڪيو ويو جنهن جي متن ۾ چيو ويو آهي ته چوڌري پرويز الاهي ۽ چوڌري مونس الاهي جي ڪوٺي رڌي وزير پرويز الاهي ۽ چوڌري پرويز الاهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسلام آباد: صدر عارف علوي سان پڙهيل سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

چيف جسٽس سان سنيئر وڪيل اعتزاز احسن ۽ لطيف کوسہ جي ملاقات

چيف جسٽس سان ملاقات ۾ ڪيس جلد ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪرڻ بابت گفتگو ٿي : لطيف کوسا

اسان ڪيسن جي جلد ٻڌڻي جي درخواست بہ داخل ڪئي آهي

اسلام آباد (م ڀ) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس عمر عطا بنديال سان سنيئر وڪيلن اعتزاز احسن ۽ لطيف کوسہ ملاقات ڪئي آهي. ان ڊي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

چوڌري پرويز الاهي ۽ مونس الاهي (فائيل فوٽو)

صدر ڈاڪٽر عارف علوي ويم ۽ مائجي ممتا جي موڪل جي بل 2023 جي توثيق ڪري چڏي

ويم ۽ مائجي ممتا جي موڪل جي بل جي توثيق، زال مڙس کي موڪل ملندي

بل تحت وفاقي حڪومت جي ادارن جون ملازم عورتون سروس ۾ 3 پيرا مڪمل پگهار سان ويم لاءِ موڪل وٺي سگهنديون

مرد ملازم پوري سروس دوران 3 پيرا صرف 30 ڏينهن جي موڪل وٺي سگهندا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) صدر ڈاڪٽر عارف علوي ويم ۽ مائجي ممتا جي موڪل جي بل 2023 جي توثيق ڪري چڏي بل تحت وفاقي حڪومت جي ادارن جون ملازم عورتون سروس ۾ 3 پيرا مڪمل پگهار سان ويم لاءِ موڪل وٺي سگهنديون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

گهوٽڪي پرسان هٿياربندن جو حملو، 2 ڄڻا قتل، هڪ ڄڻو اغوا

فائرنگ دوران 2 ڄڻا قتل ٿي ويا، واقعي دوران هڪ ڄڻو اغوا ٿيڻ جي بہ تصديق ڪئي وئي

مهراڻ مهر، سعيد لغاري ۽ جلال مهر کار خريد ڪرڻ لاءِ سکر وڃي رهيا هئا ته مٿن حملو ٿيو : مقتولن جا وارث فائرنگ ۾ مهراڻ مهر ۽ سعيد لغاري مارجي ويا، هٿياربندن جلال مهر کي اغوا ڪري ويا آهن : شوڪت مهر

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي پرسان 2 ڄڻا قتل ٿيڻ واري واقعي ۾ هڪ ڄڻي جي اغوا جي بہ تصديق ڪئي وئي آهي گهوٽڪي پرسان ڪار تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اسلام آباد: قومي اسيمبلي جو اسپيڪر راجا پرويز اشرف تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

- ڪراچي ايئرپورٽ تان
- دبئي فرار ٽينڈي رٽائر
- جنرل جي زال گرفتار

لاهور (م ڀ) ملڪ ۾ پيش آيل 9 مئي وارن واقعن ۾ ملوث هڪ ٻي جنرل (ر) جهانگير نصر الله جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

خالصتان تحريڪ جو سرگرم اڳواڻ قتل

هردیپ سنگهہ نيجر جو لاش گرونانڪ سڪ گرودوارا ٽيمپل جي پارڪنگ مان مليو

سڪ تنظيمن بہ هردیپ سنگهہ نيجر جي قتل جي تصديق ڪري چڏي

ٽورنٽو (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سکن لاءِ ڌارو ڀومي جو مطالبو ڪندڙ خالصتان تحريڪ جي سرگرم اڳواڻ هردیپ سنگهہ نيجر کي ڪينيڊا ۾ قتل ڪيو ويو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

يونان ٻيڙي سانحو: تصديق ٿيل فوتين جو انگ 80 ٽي ويو

گم ٿيل اڪثر ماڻهو پنجاب واسي آهن، اڪثر جو تعلق گجرات ۽ گجرانوالا سان آهي : ايف آءِ اي

ڪوٽلي ضلعي جي هڪ ئي خاندان سان تعلق رکندڙ 4 نوجوانن سميت 21 ڄڻا بہ اڃا ٿائين گم

ڪراچي (م د) يونان ويجهو ٻيڙي ٻڏڻ واري سانحي جا وڌيڪ 2 لاش ملڻ بعد تصديق ٿيل فوتين جو انگ 80 ٽي ويو. فوتين ۾ پاڪستان، مصر ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي سان پڙهيل وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي ايئرپورٽ تي ڪسٽم ۽ اي ايس ايف اهلڪارن ۾ جهيڙو

غيرقانوني وڊيو ٺاهڻ تي ڪسٽم آفيسر جو انٽري پاس منسوخ ڪيو ويو : اي ايس ايف آڇر تي اي ايس ايف اهلڪارن دبئي وينڊڙ مسافر سهيل دانش کي روڪيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ايئرپورٽ تي ڪسٽم ۽ ايئرپورٽ سيڪيورٽي فورس (اي ايس ايف) ونگ ۾ جهيڙو ٿي پيو، ڪراچي ايئرپورٽ تان تاريخ ۾ پهرين پيرو 3 بين الاقوامي پروازن جا مسافر بغير ڪسٽم ڪليئرنس جي روانا ٿيا ۽ انهن پروازن ۾ حج پرواز بہ شامل آهي. ان تڪرار ڪانپوءِ بنهي ادارن وچ ۾ ملاقات ٿي، جنهن دوران اي ايس ايف جو چوڻ هو ته غير قانوني وڊيو ٺاهڻ تي ڪسٽم آفيسر جو انٽري پاس منسوخ ڪيو ويو، بئي طرف ايئرپورٽ ذريعن جو چوڻ آهي ته آڇر تي اي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي ايئرپورٽ تي ڪسٽم ۽ اي ايس ايف اهلڪارن ۾ ٽيل جهيڙي جو وڊيو

پي ٽي آءِ چيئرمين سميت ٻين اڳواڻن جا ضمانت نہ ٿيڻ جو گرفتاري وارنٽ جاري

عدالت جاچ آفيسر جي استدعا تي پي ٽي آءِ چيئرمين سميت ٻين پي ٽي آءِ اڳواڻن جا ضمانت نہ ٿيڻ جو گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا

جوابدارن خلاف نصيرآباد ٽائپ ۽ ماڊل ٽائون پوليس ڪنٽينر سازش ۽ ماڊل ٽائون ۾ مسلم ليگ (ن) جي آفيس ۾ بم ڌماڪا ڪيس داخل ٿيل

ميان اسلم اقبال ۽ حماد اظهر سميت ٻين اڳواڻن جا ضمانت نہ ٿيڻ جو گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا ويا

لاهور (م د) ڏهشتگردي جي اُنت واري عدالت پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان، ميان اسلم اقبال ۽ حماد اظهر سميت ٻين اڳواڻن جا ضمانت نہ ٿيڻ جو گرفتاري وارنٽ جاري ڪري چڏيا آهن جاچ آفيسر جي استدعا تي پي ٽي آءِ چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ٽنڈو محمد خان کي ترقي جي حوالي سان مثالي ضلعو بڻائيندا سين : سيد قاسر نويد

تعليم، صحت، زراعت ۽ روڊن جي تعمير ۽ مرمت جي ڪمن کي اولين ترجيح ڏني ويندي

ضلعي جي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ تدريسي عمل کي سختي سان مانيٽر ڪيو ويندو

تعليمي ادارن جي انتظاميا جي ڪارڪردگي جو جائزو پڙهائيندڙ شاگردن جي روزاني حاضري جي روشني ۾ ڪيو ويندو

ٽنڈو محمد خان (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي نوجوان اڳواڻ سيد قاسر نويد قمر چيو آهي ته ٽنڈو محمد خان کي ترقي جي حوالي سان مثالي ضلعو بڻائيندا سين. هن آها ڳالهہ ڪالهہ ضلعي ڪائونسل ٽنڈو محمد خان جي چيئرمين طور حلف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ٽنڈو محمد خان: پيپلز پارٽي جو نوجوان اڳواڻ سيد قاسر نويد قمر صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

- پي سي بي چيئرمين جي ڪرسي
- تي سياست "سيڙيءَ" کي رميز راجا
- جي بددعا لڳي وئي"

اسلام آباد (م د) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي مٿيجمينٽ ڪميٽي جي سربراهہ نجم سيٹي پي سي بي چيئرمين جي ڊوڙ تان پوئتي هٽي ويو آهي. گذريل رات ٽوئيٽر تي پنهنجي بيان ۾ نجم سيٹي لکيو ته "مان آصف زرداري ۽ شهباز شريف جي وچ ۾ تڪرار جو سبب نٿو بڻجڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

آءِ ايم ايف معاهدي جي بحالي: پاڪستان برطانيہ کان مدد گهري ورتي

ناٽي واري وزير اسحاق ڈار برطانوي هاءِ ڪمشنر سان ورچوئل ملاقات ڪئي

ملاقات دوران اسحاق ڈار برطانوي هاءِ ڪمشنر کي ملڪ جي موجوده معاشي صورتحال کان آگاهہ ڪيو

اسلام آباد (م د) نومبر 2022 کان معطلي جو شڪار ٿيندڙ آءِ ايم ايف معاهدي جي بحالي لاءِ پاڪستان برطانيہ کان مدد گهري ورتي ناٽي واري وزير اسحاق ڈار برطانوي هاءِ ڪمشنر سان ورچوئل ملاقات ڪئي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پشاور پوليس لائنز حملي جو ماسٽر مائنڈ دهشتگرد مارجي ويو

سربڪف مهمند پشاور پوليس لائنز سيمت دهشتگردي جي ڪيترين ئي ڪارروائين جو ماسٽر مائنڈ هو

دهشتگرد تنظيمن جا اندروني اختلاف شدت اختيار ڪري چڪا : ذريعا

دهشتگرد سربڪف مهمند سوشل ميڊيا تي پاڪستان خلاف زهر اوڳاڻي رهيو هو

پشاور پوليس لائنز حملي جو ماسٽر مائنڈ سربڪف مهمند

اسلام آباد (م د) ڪالعدم جماعت الاحرار ۽ تحريڪ طالبان پاڪستان سان سلهاڙيل اهم دهشتگرد سربڪف مهمند مارجي ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

قطر ۽ ڳڙيل عرب رياستن سفارتخانن کي ٻيهر کولي چڏيو

پرڏيهي وزير شيخ محمد بن عبدالرحمان آل ثاني ۽ شيخ عبدالله بن زايد وچ ۾ رابطو ٿيو

گلف ڪوآپريشن ڪائونسل سربراهي اجلاس جي پڇاڻي تي الولا پڌراڻي تي صحيحون ڪيو ويون

قطر (م ڀ) قطر ۽ ڳڙيل عرب رياستن سفارتي لاڳاپا بحال ڪندي سفارتخانن کي ٻيهر کولي چڏيو ان حوالي سان قطري پرڏيهي وزارت پنهنجي بيان ۾ ٻڌايو ته بنهي سفارتخانن طرفان سهولتن جي ٻيهر فراهمي جي موقعي تي قطري پرڏيهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ايل اين جي ڪارگوز جي خريداري، پاڪستان کي آڪٽوبر ۽ ڊسمبر لاءِ ڪا هولي نہ ملي

7 کان 8 ڊسمبر، 13 کان 14 ڊسمبر، 24 کان 25 ڊسمبر سپلاءِ لاءِ پوليون طلب ڪيون ويون هيون : ذريعا

جنوري ۽ فيبروري لاءِ بہ 3 اسپاٽ ايل اين جي ڪارگوز جي سپلاءِ لاءِ پوليون طلب ڪيون ويون آهن

اسلام آباد (م د) پاڪستان کي آڪٽوبر ۽ ڊسمبر ۾ ايل اين جي سپلاءِ لاءِ ڪا هولي نہ ملي، پيٽروليم ڊويزن جي ذريعن موجب پاڪستان ايل اين جي ليٽيڊ آڪٽوبر ۽ ڊسمبر لاءِ 6 ايل اين جي ڪارگوز جي خريداري لاءِ پوليون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

خورشيد شاهہ چيئرمين سينيٽ ۽ اسپيڪر قومي اسيمبلي کي مراعتن واري بل جي حمايت ڪري چڏي

سينيٽ چيئرمين ۽ اسپيڪر کي مراعتون ملڻ گهرجن، ان سان کهڙو مسئلو آهي؟ : خورشيد شاهہ

جيڪڏهن ٻين کي مراعتون مليون ته کو اعتراض ناهي چو ته توهان وٽ انهن تائين رسائي ناهي

پارليامينٽ سپ کان وڏو فورم آهي، چيئرمين ۽ اسپيڪر کي مراعتن تي اعتراض نہ ڪرڻ گهرجي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ خورشيد شاهہ چيئرمين سينيٽ ۽ اسپيڪر قومي اسيمبلي کي مراعتن واري بل جي حمايت ڪري چڏي آهي، ان موقعي تي صحافين سان گالهائيندي جي ايم سيد جي ڏوهٽي ۽ سينيٽ جي سابق چيئرمين سينيٽ سيف الرحمان جي ڌيءَ جي شادي ۾ شرڪت ڪئي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

موت قبول ڪنداسين پر پنهنجي پيارن جي خون تي سوديبازي نہ ڪنداسين: امر رباب

دادو جي عدالت ۾ اُمر رباب چانديو جي 3 گهرپاتين جي قتل ڪيس بابت پڌڻي ٿي

امر رباب چانديو، پ پ ايم پي اي برهان خان چانديو ۽ ٻيا عدالت ۾ پيش ٿيا

جوابدارن جي وڪيلن پاران فريادي پرويز چانديو جي جرح مڪمل ڪئي وئي

دادو (رپورٽر) دادو جي عدالت ۾ امر رباب چانديو جي 3 گهرپاتين جي قتل ڪيس بابت پڌڻي ٿي، چاچي ۽ ڏاڏي جي قتل ڪيس بابت پڌڻي ٿيام رباب چانديو . پ پ ايم پي اي برهان خان چانديو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: وفاقي وزير اسحاق ڈار گڏجاڻي دوران گالهائي رهيو آهي

- عوام جي ٽيڪس تي
- حڪمران عياشيون ڪرڻ
- بند ڪن: عوامي تحريڪ

حيدرآباد (رپورٽر) عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جرار، مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪانيار، مرڪزي اڳواڻ ستار رند ۽ نور نبي پليجي پنهنجي گڏيل پريس بيان ۾ چيو آهي ته پنجاب جي ڏاڙيل واهن ۽ ڪينالن جا منهن ڪولي، سنڌ جو پاڻي بند ڪيو ويو آهي، جنهن سبب سارين جو پيچارو سڪي رهيو آهي، پيا فصل بہ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

مريم نواز ۽ رانا ثناءَاللهہ جي خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جي درخواست رد

درخواست گذار کي پارٽي ليڈر پاران عدالت وڃڻ لاءِ اٿارٽي نہ ڏني وئي : عدالتي فيصلي جو متن

پي ٽي آئي جي ڪارڪن شوڪت علي پنڊ ايڈووڪيٽ درخواست داخل ڪئي هئي

رانا ثناءَاللهہ انترويو ۾ پي ٽي آئي سربراهہ کي مارڻ يا مارائڻ جي ڳالهہ ڪئي : درخواستگذار

ڪراچي (رپورٽر) عدالت تحريڪ انصاف جي سربراهہ کي ڏهڪيون ڏيڻ بابت مريم نواز ۽ گهرو وزير رانا ثناءَاللهہ جي خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جي درخواست رد ڪري چڏي آهي ايڊيشنل سيشن جج پي ٽي آئي جي سربراهہ کي ڏهڪيون ڏيڻ بابت مريم نواز ۽ رانا ثناءَاللهہ جي خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جي درخواست ڏانهن ڪئي وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

مراعتن وارو بل حڪمران بي حسي ظاهر ڪري ٿو: محمد حسين محنتي

وڏي انگ ۾ عوام غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور آهي

مراعات يافتہ اشرافيہ پنهنجي عياشين لاءِ قانونسازي ڪري ظلم جون سيڙي حدون اورانگهي چڪيون آهن

عوام "اسلامي ۽ خوشحال پاڪستان" لاءِ جماعت اسلامي جو ساٿ ڏئي : اجلاس کي خطاب

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير اڳوڻي ايم اين اي محمد حسين محنتي سينيٽ چيئرمين جي پڇاڙ ۽ مراعاتن ۾ واڌ واري بل جي منظوري کي حڪمران جي بي حسي ۽ عوام جي زخمن تي لوڻ ڀرڪ برابر قرار ڏيندي چيو آهي ته هڪ پاسي ملڪ قرضي، عام ماڻهو مهانگائي جي طوفان ۾ ٻڏي ويل جي مالي ڀچي لاءِ پريشان ۽ وڏي انگ ۾ عوام غربت جي لڪير کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: جماعت اسلامي سنڌ جو امير اڳوڻو ايم اين اي محمد حسين محنتي اجلاس دوران گالهائيندي

- ٽائيٽينڪ جي ملبي جو نظارو
- ڪرڻ لاءِ ويل آبدوز گهر، مسافرن
- ۾ ٻ پاڪستاني بہ شامل

ڪراچي (م د) اٽلانٽڪ سمنڊ جي اونهائين ۾ ٻڏل مشهور سامونڊي جهاز ٽائيٽينڪ جو ملبو ڏسڻ لاءِ ويندڙ آبدوز گهر ٽي وئي آهي جنهن ۾ بہ پاڪستاني بہ سوار هئا. برطانوي اخبار دي ڊيلي ميل موجب سياحن کي کٹي ويندڙ آن آبدوز ۾ پنج ڄنا سوار هئا جن ۾ پاڪستان جا ڄاول برطانوي شهري ڊائود ۽ سندس پٽ سليمان ڊائود بہ شامل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

دڑو ۽ پرپاسي جي مختلف علاقن ۾ گيسٽرو بي قابو

ڪيترائي معصوم ٻار عورتون توڙي وڏي ڇمار جا ماڻهو بيماري ۾ مبتلا

سجاول جي صحت ڪاتي گيسٽرو تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪي به قدم نه کنيا

معاملي جو نوٽيس وٺي گيسٽرو تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ فوري طور اُپا ورتا وڃن: شهري

دڑو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڑو ۽ پرپاسي جي مختلف علاقن ۾ گيسٽرو بي قابو!! گيسٹرائي معصوم ٻار عورتون توڙي وڏي ڇمار جا ماڻهو بيماري ۾ مبتلا سرڪاري توڙي نجي اسپتالون مريضن سان پريل سجاول جي صحت ڪاتي گيسٽرو تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪي به قدم نه کنيا. تفصيل موجب دڑو تائون ڪميٽي سميت مختلف يرسيز خانپور، لاڪاڻپور، ٻنون، بجل گگو، مراد /بقايا پڑهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهرو فيروز جي 12 مڪاني ادارن جي چئرمينن ۽ وائيس چئرمينن حلف کٹي ورتو

ضلعي جي هڪ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل، ۾ ميونسپل ڪاميٽين ۽ 9 ٽائون ڪاميٽين جي نمائندن حلف کنيو

ڊسٽرڪٽ ڪائونسل تي چئرمين سهيل اختر عباسي ۽ وائيس چئرمين علي شير پرٽ ۽ ٻين پٽ حلف کٹي ورتو

ڪنڊيارو ٽائون ڪاميٽي تي چئرمين سيد مرتضيٰ شاهه ۽ وائيس چئرمين ميرخان سهتو قسم کنيو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهرو فيروز جي 12 مڪاني ادارن جي چيئرمينن ۽ وائيس چيئرمينن حلف کٹي ورتو آهي. هڪ ضلع ڪائونسل، 2 ميونسپل ڪاميٽين ۽ 9 ٽائون ڪاميٽين جي نمائندن حلف کنيو ضلع ڪائونسل نوشهرو فيروز تي چيئرمين سهيل اختر عباسي ۽ وائيس چيئرمين علي شير پرٽ، مرو ميونسپل ڪاميٽي تي چيئرمين نذير احمد ميمڻ /بقايا پڑهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهروفيروز: ڊي سي شاهزيب شيخ عهديدارن کان حلف کٹائي رهيو آهي

لاهور جي رهواسي جوڙي پيار جو پرٹو ڪري ڇڏيو

اسان جا مائٽ افضل باجوه زبير اڪبر باجوه ۽ راشد باجوه ڪاوڙجي پيا آهن: جوڙو

مائٽن مان اسان جي زندگين کي خطرو آهي اسان کي تحفظ ڏنو وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) لاهور جي رهواسي جوڙي ناري عليزا باجوه نوجوان علي حسن ملڪ سان پيار جو پرٹو ڪري ڇڏير تحفظ جو مطالبو ان سلسلي ۾ لاهور واسي ناري عليزا باجوه پنهنجي مؤس علي حسن ملڪ ڪڙ ميڊيا سينٽر /بقايا پڑهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز: پسند جو پرٹو ڪندڙ جوڙو تحفظ جي اپيل ڪندي

سکر ۾ جعفر آباد بينس ڪالوني ۾ صفائي نه ٿيڻ سبب گندگي جا ڍير لڳي ويا

رهواسين جاويد مهر، ميهر مهر، وسيم مهر، ڪامران مهر ۽ ٻين احتجاج ڪيو، سخت نعربازي

انتظاميه پاران صفائي نه ڪرائڻ سبب جعفر آباد ۾ گندگي جا ڍير لڳي ويا آهن : مظاهرين

نالين جو ڪنو پاڻي روڊن رستن تي بيهجي ويو آهي جنهن سبب سخت پريشان آهيون

سکر(بيورو رپورٽ) سکر جي جعفر آباد بينس ڪالوني ۾ صفائي نه ٿيڻ سبب گندگي جا ڍير لڳي ويا. رهواسين جو احتجاج تدارڪ جي گهر. تفصيل موجب، سکر جي جعفر آباد بينس ڪالوني ۾ صفائي نه ٿيڻ سبب بينس ڪالوني جو نالين وارو گندو پاڻي روڊن رستن تي بيهجي ويو آهي جنهن ڪري جعفر آباد جا رهواسي سخت تڪليف ۾ مبتلا ٿي ويا آهن. جعفر آباد جي /بقايا پڑهو صفحو 3 نمبر 03

لکين روپيا قرائيندڙ نوجوانن جو نئون ڪوٽ پريس ڪلب اڳيان احتجاج

مهتاب چوڌري فون ڪري اسان کي فيصل آباد گهرائي في نوجوان کان ڏيڍ لک روپيا ورتا ويا: مظاهرين

بااثر وسيم گجر شاهد نظير جيڪي گينگ جا سربراهه آهن اتي جا ماڻهو مقرر ڪري چوڪيداري ڪندا هئا

ڪيترائي نوجوان فيصل آباد ۾ فراڊي ٽولي وٽ قيد ٽيل آهن اسان فرادين کان وهه وٺي نڪتا آهيون

نئون ڪوٽ (رپورٽر) فيصل آباد ۾ نوڪرين بهاني فراڊ ذريعي گهرائي لکين روپيا قرائيندڙ نوجوانن جو نئون ڪوٽ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو رقم قرائيندڙ نوجوانن عبدالغفار چانديو رجب علي چانديو ديوان ميگهواڙ دانش جسڪاڻي ۽ٻين نئون ڪوٽ پريس ڪلب جي عهديدارن ۽ ميمبرن کي ٽنڈو محمد خان پوليس اهلڪار، پاران خودڪشي وارو مامرو، لاش وارثن حوالي

ٽنڈو محمد خان (ڀرمظفر علي ابروهي) ٽنڈو محمد خان جي پير محلي ۾ 45 سالا پوليس اهلڪار رسول بخش پرهياڙ جو پراسرار طور خودڪشي جو واقعو، لاش پوسٹ مارٽم ڪانپو، وارثن حوالي، ٽنڈو محمد خان جي پير محلي ۾ 45 سالا پوليس اهلڪار رسول بخش ولد رمضان پرهياڙ پراسرار طور پنهنجي ٽي ساهن جي /بقايا پڑهو صفحو 3 نمبر 07

نئون ڪوٽ: متاثر نوجوان پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪري رهيا آهن

جهڏو ۾ بينظير انڪر سپورٽ پروگرام جي عورتن پاران احتجاج

پن ڏينهن کان سينٽر تي اچون پيا پر وضيفي جي رقم نٿي ملي : عورتون

معاملي جو نوٽيس وٺي ڊوائزن جي تعداد وڌائي وڌيڪ پريشاني کان بچايو وڃي

جهڏو (ممتاز جوٹيجو) جهڏو ۾ بينظير انڪر سپورٽ پروگرام وضيفي جي مستحق عورتن فوڊ گودام سامهون روڊ بلاڪ ڪري ڊرٹو هٹي چڏيو، عورتن جو چوڻ آهي ته پن ڏينهن کان سينٽر تي اچون پيا پر وضيفي جي رقم نٿي ملي گرمي /بقايا پڑهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهروفيروز: ڊي سي شاهزيب شيخ عهديدارن کان حلف کٹائي رهيو آهي

خيرپور ناٿن شاهه ميونسپل ڪاميٽي جي چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين جي حلف برداري جي تقريب

ميونسپل ڪاميٽي چيئرمين جي عهدي تي پيپلز پارٽي جي ڊاڪٽر خليل سڪندر ڪوهارر ۽ ٻين پٽ شرڪت ڪئي

تقريب بعد چونڊيل چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين کي پيپلز پارٽي جي اڳواڻن مبارڪون پٽ ڏنيون ويون

چيئرمين ۽ وائس چيئرمين جي ريلي شهر جي مين روڊ کان ٽينڈي ڪڙ شهر پهتي جتي اڳواڻن جو شاندار استقبال ڪيو ويو

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٹر/ برڪت علي چانديو) خيرپور ناٿن شاهه ميونسپل ڪاميٽي جي چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين جي حلف برداري جي تقريب گورنمنٹ بوائز هاءِ اسڪول ۾ ٽي گڏري جنهن ۾ ميونسپل ڪاميٽي چيئرمين جي عهدي /بقايا پڑهو صفحو 3 نمبر 10

خيرپورناٿن شاهه: عهديدار پنهنجي عهدي جو حلف کٹي رهيا آهن

محمد خان جي رهواسي قاضي غلام مصطفيٰ سولنگي جي گهر تي پوليس چڑهائي

ٽنڈو محمد خان (ڀرمظهر علي ابروهي) ٽنڈو محمد خان جي رهواسي قاضي غلام مصطفيٰ سولنگي پنهنجي حيدرآباد جي سحرش نگر واري بنگلي تي مٿس پوليس چڑهائي ۽ پوءِ ڌاڪا ڪرڻ، گرفتارين کانپوءِ غيرقانوني طور قبضو ڪيو ويو آهي. اهڙو اظهار هن ٽنڈو محمد خان پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس دوران ڪيو آهي. هن /بقايا پڑهو صفحو 3 نمبر 15

شهداد ڪوٽ ۾ شهري اتحاد جي سڏ تي ٽين ڏينهن به احتجاج جاري

نادرا آفيس جي شهر کان ٻاهر منتقلي خلاف احتجاج مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪرڻ بعد ڌرٹي جو اعلان ڪيو ويو

اسان هڪ شهرين کان صحيون وٺڻ جي مهر به شروع ڪئي آهي آفيسرن ڏانهن به لک پڙهه ڪنداسين: مظاهرين

نادرا آفيس کي منتقل ڪرڻ وارو فيصلو واپس وٺي ساڳئي هنڌ قائم رهڻ ڏنو وڃي

شهدادڪوٽ(رپورٽ: شاهد اعوان) شهدادڪوٽ ۾ شهري اتحاد جي سڏ تي ٽين ڏينهن به نادرا آفيس جي شهر کان ٻاهر منتقلي خلاف احتجاج مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪرڻ بعد ڌرٹي جو اعلان ڪيو ويو. تفصيل موجب، شهري اتحاد جي سڏ تي ٽين ڏينهن به نادرا آفيس جي شهر کان ٻاهر منتقلي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

شهدادڪوٽ: شهري اتحاد جي سڏ تي احتجاج ڪيو پيو وڃي

ناروشاهه ۾ بااثر ناجائز قبضو ڪري گلي کي سوڙهو ڪري ڇڏيو

عزيز سراج پرٹ پاران گهري رشوت وٺي گلي تي ناجائز قبضا ڪرائي رهيا آهن: رهواسي

فوري طور تي ناجائز قبضو هٽايو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

ناروشاه (رپورٽر) ناروشاه مين شاهي بازار چونڪ جي گلي تي بااثر شخصيت منير پرٹ پاران گلي تي ناجائز قبضو ڪري گلي کي سوڙهو /بقايا پڑهو صفحو 3 نمبر 08

اسان مهر برادري ڪڍن کا ناجائزي ناهي ڪئي: سردار علي گوهر مهر

شهيد ٽيل نوجوان منهنجو پڇو آهي اسين مهر ڪڍن ڪنهن ظالم جي اڳيان نه جهڪيا آهيون

جيڪڍن کو اسان جي گهرن ۾ اچي للڪارينڊو ته ان جو منهن ٽوڙ جواب ڏينداسين

جان محمد سوسائٽي (غلام رسول مهر) گوٹ وڏن مهر ۾ ڏوهارين جي هٿان شهيد ٽيل فقير محمد مهر نداماڻي جي وارث والد حافظ فيروزالدين مهر منشي وسند مهر استاد راحب علي مهر سان ايم پي اي سردار علي گوهر خان مهر /بقايا پڑهو صفحو 3 نمبر 11

جرنلسٽس فورم ڏهرڪي جي اليڪشن ۾ ڪامياب عهديدارن حلف کٹي ورتو

اليڪشن ۾ روزاني سنڌيار جو نمائندو لال چند موتواڻي جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويو

صدر ايگزيڪٽو ڪميٽي جي عهديدارن ۽ ميمبرن جو اڪثريت راءِ سان اعلان ڪيو

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موتواڻي) ڏهرڪي جرنلسٽس فورم ڏهرڪي جي اليڪشن ۾ ڪامياب عهديدارن ڪان صدر عبدالله بخش راجڙي /بقايا پڑهو صفحو 3 نمبر 14

گهوٽڪي: جرنلسٽس فورم ڏهرڪي جي اليڪشن ۾ ڪامياب عهديدارن حلف کٹي ورتو

ميونسپل ڪميٽي ٽنڊو جي نئين چونڊيل چيئرمين صفائي جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو

زميواري سونپي وئي آهي، ان کي بهتر طريقي سان نيائڻ جي ڪوشش ڪندس: محمد ميمڻ

شهر جي وڏن گٹر نالن جي صفائي نه ٿيڻ ڪري بلڪل چوڪ ٿي وبا آهن

ٽنڊو (جاويد لطيف ميمن) ميونسپل ڪميٽي ٽنڊو جي نئين چونڊيل چيئرمين ادا محمد ميمڻ حلف کڻڻ شرط ٿي پنهنجون ذميواريون سنڀالينديءِ ٽنڊو شهر کي صاف ستهرو رکڻ لاءِ بهرين مرحلي ۾ شهر جي وڏن گٹر نالن جي صفائي وارو عمل گرين مشينن تورڙي ڪراچي کان گهرايل صفائي واري ٽيم پاران باقي ٻاهس ٽنڊوالهيار مُجارا گوٹ کان نالن جي صفائي جو ڪم /بقايا پڑهو صفحو 3 نمبر 16

ڪشمور ۾ اين آئي سي وي ڊي چيسٹ پين يونٽ جو افتتاح

دل جي بيماري کان بچاءُ لاءِ تڪڙي ۽ شروعاتي علاج جي سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ تعلقہ اسپتال ڪشمور ۾ چيسٹ پين يونٽ قائم ڪيو

ضلعي جي پر پاسي واري علاقن جي ماڻهن کي ردڙ فائدو ٿيندو جنهن کي اسان اڳتي وڌائڻ جون ڪوشش ڪري رهيا آهيون: اڳواڻ

ٻين علاقن ۾ پڻ يونٽ قائم ڪيا ويندا ڪشمور جي عوام لاءِ جلد ڳائيي اسپتال ۽ اڪين جي اسپتال جو قيام جلد عمل ۾ آندو ويندو

ڪشمور (رپورٽ اصغر علي چانديو) ڪشمور ۾ اين آئي سي وي ڊي چيسٹ پين يونٽ جو افتتاح ڪيو ويو ڪشمور ضلعي ۽ پر پاسي وارن علاقن جي عوام کي دل جي بيماري کان بچاءُ لاءِ تڪڙي ۽ شروعاتي علاج جي سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ تعلقہ اسپتال ڪشمور ۾ چيسٹ پين يونٽ قائم ڪيو ويو افتتاحي تقريب ۾ ڪشمور ڪنڊڪوٹ ضلعي چيئرمين مير گل محمد جڪراڻي /بقايا پڑهو صفحو 3 نمبر 20

دادو ۾ ام رباب جي 3 گهرياتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي 6 جولاءِ تائين ملتوي

جئين ڪيس اڳتي وڌڻ لڳو آهي ته هي جاگيردار ۽ پوتار ٻيهر ڏمڪين تي لهي آيا آهن: ام رباب چانديو

اسان کي لالچون ۽ ڏمڪيون ڏنيون پيون وڃن پر اسان موت قبول ڪنداسين پر پياري جي خون تي سوديبازي نه ڪنداسين

6 جولاءِ تي شاهدن جا بيان رڪارڊ ٿيندا، اسان حق تي آهيون، پلي هي فريادي ۽ شاهدن کان هزارين سوال ڪن قاتلن کي سزا ايندي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ ام رباب چانديو جي ٽن گهرياتين ڏاڏي، والد، چاچي جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي، ڪرمنل ٽرائيل ماڊل ڪورٽ جي عدالت ۾ ٽي گڏري ام رباب چانديو قتل ڪيس جي فريادي پرويز چانديو سان گڏ عدالت پهتي /بقايا پڑهو صفحو 3 نمبر 21

دادو: ام رباب چانديو ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

ڏوهارين خلاف سخت ڪريڪ ڊائون ڪيو ويو آهي: ڊي ايس پي ٽنڈو غلام حيدر

ٽنڈوغلام حيدر (رپورٽ ميرحسن رند) ٽنڈو غلام حيدر ڊي ايس پي عبدالغفور خاصخيلي ۽ ايس ايڇ او ٽنڈو غلام حيدر ممتاز حسين ڪوسو جي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تهيس ايس ٽنڈومحمد غلام نبي ڪيريو جي هدايتن تي ڏوهارين خلاف سخت ڪريڪ ڊائون ڪيو ويو آهي ڪجه وقت پهرين زميندار شبير رند ڪان ٽريڪٽر ٽر /بقايا پڑهو صفحو 3 نمبر 26

وارهه: قتل ٽيل ميان رتو واسين پنج ڄڻ جا قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا

وارثن ديدار علي سولنگي، عبدالرزاق سولنگي، مسمات اربيلا خاتون، مسمات جنت خاتون، ۽ ٻين احتجاج ڪيو

پوليس جوابدارن جا نالا محمد صديق مغيري عطاءُ الله مغيري فداحسين مغيري ۽ ٻين جا نالا ڪيس مان ڪڍڻ چاهي ٿي : مظاهرين

نوٽيس وٺي اصل قاتل گرفتار ڪري مقتولن جي خون سان انصاف ڪيو وڃي اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانديو) وارهه گڏيل مهيني لاڪاڻو ستو نمبر ناڪي ٿي قتل ٽيل ميان رتو واسين پنج ڇڻا شوڪت علي ولد عبدالجبار سولنگي، امجد علي ولد عبدالجبار سولنگي، ماجد علي ولد عبدالجبار سولنگي، امير علي ولد عبدالرسول سولنگي، ۽ نجر علي ولد محرم علي چانديو جا قاتل لاڪاڻو پوليس گرفتار نه ڪري سگهي وارثن ديدار علي سولنگي، /بقايا پڑهو صفحو 3 نمبر 27

غوثپور ۾ احساس ڪفالت جي آيل رقم مان غيرقانوني ڪٹوتي جاري

ڊيوائيز ايجنٽن پاران هڪ هزار کان 1500 ڪٹوتي ڪري مستحق عورتن کي ٻنهي هٿن سان ڦرڻ لڳا

ضلعي انتظاميه پاران احساس ڪفالت جي قائم ڪئمپ ۾ 17 ڊيوائيز مقرر ڪيون ويون

ضلعي انتظاميان کي خبر هوندي به خاموش تماشائي بٹيل آهي، نوٽيس ورتو وڃي: عورتون

غوثپور (رپورٽ: عبدالنبي ملڪ) غوثپور شهر جي هائير سيڪنڈري اسڪول ۾ قائم ڪئمپ تي احساس ڪفالت جي آيل رقم 9000 مان ڊيوائيز ايجنٽن پاران هڪ هزار کان 1500 ڪٹوتي ڪري مستحق عورتن کي ٻنهي هٿن سان ڦرڻ لڳا ضلعي انتظاميان پاران احساس ڪفالت جي قائم ڪئمپ ۾ 17 ڊيوائيز مقرر ڪيون ويون آهن جن مان ڪئمپ تي فقط چار ڊيوائيز /بقايا پڑهو صفحو 3 نمبر 18

ٽنڈو محمد خان: پسند جو پرٹو ڪندڙ جوڙو تحفظ جي اپيل ڪندي

دڑو برانچ تي اڌيل پل زبون حال بڻجي وئي

ڪنهن به وقت وڏي جاني، مالي نقصان ٿيڻ جا امڪان وڏي ويا

سياسي سماجي ادبي ڪارواري مذهبي ۽ ٻين پاران نوٽيس وٺڻ جي گهر

دڑو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڑو برانچ تي اڌيل پل زبون حال بڻجي رئي. ڪنهن به وقت وڏي جاني. مالي نقصان ٿيڻ جا امڪان وڏي ويا آهن درگاهه حضرت شاهه نصر بادشاهه ڪوٹ عالمون ۽ رانتا سميت 100 کان مٿي ڳوٺن کي دڑو شهر سان ملائيندڙ /بقايا پڑهو صفحو 3 نمبر 19

دڑو: برانچ واهه دڑو تي اڌيل پل زبون حالي جوشڪار. ڪنهن به وقت حادثي جو امڪان

شڪارپور پرسان ڪوٹ گهرام جعفري جي رهواسي پاران احتجاج

پوليس بناجواز گهرن مٿان چڑهائي ڪري عورتن ۽ ٻارڙن مٿان تشدد ڪيو آهي: نظير جعفري

پوليس جي بناجواز چڑهائي جو نوٽيس وٺي گرفتار ٿيل نيائٽين آزاد ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي

شڪارپور (ڊ) شڪارپور پرسان ڪولو ڏر جي ڪوٹ گهرام جعفري جي رهواسي فوجي نظير جعفري پريس ڪلب پهچي احتجاج ۽ پريس ڪانفرنس /بقايا پڑهو صفحو 3 نمبر 23

شيخ پرڪيو ۾ ڪوٹ اميد علي ٽنگڑي جي رهواسي پاران احتجاج

نياز لغاري ۽ فياض لغاري هٿياربندن سان گڏ مٽن حملو ڪيو: مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي اسان کي تحفظ ڏنو وڃي

ٽنڈو محمد خان (ڀر مظفر علي ابروهي) شيخ پرڪيو ۾ ڪوٹ اميد علي ٽنگڑي جي رهواسي جوڙي معشوق ٽنگڑي ۽ انيسا لغاري احتجاجي مظاهرو /بقايا پڑهو صفحو 3 نمبر 25

ٽنڈو محمد خان: پسند جو پرٹو ڪندڙ جوڙو تحفظ جي اپيل ڪندي

دادو ۾ ايڪشن ڪميٽي دادو پاران گهر ۾ هنري ڪم ڪندڙ عورتن ۾ آگاهي ڏني وئي

ڊسپلي سينٽر قائم ڪري سنڌن هٿن جون ناهيل شيون مناسب قيمت ۾ وڪرو ٿين ته جيئن سنڌن کي محنت جو مناسب اجورو ملي سگهي: اڳواڻ

هوم بيسڊ ورڪرن لاءِ مارڪيٽ ٿائين آسان رسائي لاءِ پڻ مهر هلائي ته جيئن عورتن تورڙي مردن کي پوري پوري واري علاقن کان مارڪيٽ ۾ پهچڻ تکليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو

سبب هوڏ ۾ تباهه ٿيل روڊ رستا آهن جنهن ڪري سنڌن ناهيل شيون سستي دام تي وچ وارو ماڻهو رتي مارڪيٽ ۾ مهانگين سيل ڪري ٿو جيڪا سنڌن سان ناانصافي آهي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) هوم نيٽ پاڪستان ضلع ايڪشن ڪميٽي دادو پاران گهر هنري ڪم ڪندڙ عورتن ۾ آگاهي ڏني وئي ضلع ايڪشن ڪميٽي جي ڪوآرڊينيٽر عمران خان ۽ نسرين پهرهور بيسڊ ورڪر عورتن کي ٻڌايو ته /بقايا پڑهو صفحو 3 نمبر 22

دادو: ايڪشن ڪميٽي طرفان منعقد سيمينار ۾ عورتن کي آگاهي ڏني پئي وڃي

سلطانپور پرسان زمين جي مالڪي تان مهر برادري جي ٻن ڏرين ۾ هلندڙ چڪتاڻ ختم ڏني سگهي

فضل الرحمان عرف قاضي مهر ۽ سندس پائر پوليس ۽ با اثر سان ملي پڳت ڪري اسان کي حراسان ڪري رهيا آهن: افضل مهر ۽ ٻيا

زمين وڏڙن کان وٺي اسان جي آهي گڏريل ڏهن سالن کان امير ۽ وٽ فيصلن ۽ عدالتن ۾ انصاف لاءِ چڪر ڪاٽي رهيا آهيون: فضل الرحمان

داخل ڪرايل ڪيس ڪانپوءِ پوليس ڪاروائي ڪري رهي آهي ڏرين ۾ سرڇاءُ لاءِ ترجي معززين جي پڻ ڪوشش جاري آهي

سلطانپور(رپورٽر) سلطانپور پرسان گوٹ امين مهر ۽ زمين جي مالڪي تان مهر برادري جي ٻن ڏرين ۾ هلندڙ چڪتاڻ ختم نه ٿي سگهي. ڪجه ڏينهن اڳ فضل الرحمان عرف قاضي مهر جي ڏر الاهي بخش مهر، عبدالقيوم ۽ گلزار ۽ شاهنواز مهر ۽ زمين جي هر هلايو ويو ته زمين جي مالڪي جي دعوا ڪندڙ ڏر افضل مهر، ميجر عابد مهر عبدالرزاق مهر ۽ شيراز مهر ۽ سندس پائرن /بقايا پڑهو صفحو 3 نمبر 28

سکر: ڊي آئي جي انچارج سميت پوري ٽيم کي ڪيش انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا

ڏوهارين سميت منشيات خلاف ويجهڑائي ۾ ڪيترين ئي ڪامياب ڪاروائيون ڪيو آهن: اڳواڻ

پنهنجي اعلا آفيسرن جي هدايتن تحت دهشتگردي خلاف پنهنجا فرض نيائي رهيا آهيون: عملدار

اسان کي وڏي خوشي ٿي آهي جو ڊي آئي جي سکر انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ڏئي حوصلا افزائي ڪئي آهي

سکر(رپورٽ،امداد علي گل ڪلوڙ) سي ٽي ڊي پوليس پاران ڏوهارين سميت منشيات خلاف ڪيل ڪامياب ڪاروائين ٽي ڊي آئي جي سکر انچارج سميت پوري ٽيم کي ڪيش انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا، سي ٽي ڊي عملدارن ۾ خوشي جي لهر شائيل تفصيل موجب. ڪائونٽر ٽيررازم ڊيپارٽمينٽ جي انچارج ڊي ايس پي عبدالقدوس ڪلوڙ جي اڳواڻي سندس ٽيم پاران ڏوهارين /بقايا پڑهو صفحو 3 نمبر 29

سکر: ڊي آئي جي انچارج سميت پوري ٽيم کي ڪيش انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا

ڪراچي ۾ قتل ٽيل نوجوان شيراز پٹو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

صحافين جوابدارن جي گرفتاري لاءِ خبرون هلايون ته ڊي ايس پي ميروخان توفيق سڏايو مڃرچي پيو: مظاهرين

اسان سميت اسان جي گهر پاتين کي پريشان ڪري پريشان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن

معاملي جو نوٽيس وٺي شيراز پٹو جي قاتلن کي پوليس گرفتار ڪري وارثن سان انصاف ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) تعلقي سجاول جوٹيجو جي حد عرضي پٹو ۾ ٽي مهينا اڳ بيگناه قتل ٽيل نوجوان شيراز پٹو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سجاول جوٹيجو ۽ ڪراچي پريس ڪلب اڳيان صحافين سياسي ۽ سماجي اڳواڻن جو احتجاجي مظاهرو چٹي نعربازي مظاهرين جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر ڪنڀل هٿا ان موقعي تي ڪراچي جي صحافي /بقايا پڑهو صفحو 3 نمبر 31

ڪراچي: نوجوان شيراز پٹو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ميرپورخاص ۾ بل جي ادائيگي باوجود حيسڪو پاران 6 ڪان 8 ڪلاڪ ٽائين لوڊشيڊنگ

ميرپورخاص (رپورٽر) 100 سيڪڙو بل جي ادائيگي باوجود حيسڪو پاران 6 ڪان 8 ڪلاڪ ٽائين انڊسٽريل ايريا ۾ به غير اعلاميه لوڊشيڊنگ ميرپورخاص ۾ وابدا حيسڪو پاران صنعتي علاقي ۾ به 6 ڪان 8 ڪلاڪ جي غير اعلانيا لوڊشيڈنگ ڪئي وڃي ٿي جڏهن ته انڊسٽريل ميراهه روڊ تي تقريبن 97 فيڪٽريون هلنديءِ /بقايا پڑهو صفحو 3 نمبر 32

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر تاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ تاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي*** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اربع 21 جون 2023ع

شهيد بي بي جي سالگرهه تي بهترين تحفو!

صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ

